(1)

ٻارن لاءِ
سچيون ڪهاڻيون

# نُور وارو چهرو





ٻيون 4 سچيون ڪهاڻيون ۽
ڪجھ ويڊيو گيمز جي باري ۾


شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

مُحَمَّد الياس عطّار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه



MC 1286

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# نُورواروچهرو

## ﴿1﴾ چوڪريءَ جڏهن کوهہ ۾ ٿُڪيو-----

حضرت سيدنا شيخ محمد بن سُلَيمان جَزولي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: آئون سفر تي هئس، هڪڙي جڳهه تي نماز جو وقت ٿي ويو، اُتي کوهہ (Well) تہ هو پر ڏول ۽ (Bucket) رسي (Rope) نہ هئي. آئون انهيءَ فکر ۾ هئس تہ هڪ گهر جي مٿان هڪ ننڍي چوڪريءَ ڏٺو ۽ پڇيائين: اوهان ڇا ڳولهي رهيا آهيو؟ مون چيو: ڌيءُ! رسي ۽ ڏول. هن پڇيو: اوهان جو نالو؟ چيائين: محمد بن سُليمان جزولي. چوڪريءَ حيرت مان چيو: ڀلا اوهان اُهي ئي آهيو جنهن جي شهرت جي ڌوم متل آهي پر حال هي آهي جو کوهہ مان پاڻي بہ ٻاهر نہ ٿا ڪڍي سگهو! اهو چئي ڪري هن کوهہ ۾ ٿُڪ اڇلائي، ڪمال ٿي ويو! هڪدم پاڻي مٿي اچي ويو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه وضو ڪرڻ کان پوءِ ان چوڪريءَ کي فرمايو: ڌيءُ!

سچ ٻڌاءِ تو هي ڪمال ڪهڙي طرح حاصل ڪيو؟ چوڻ لڳي: ”آئون ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندي آهيان، انهيءَ جي برڪت سان هي ڪرم ٿيو آهي.“ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا: انهيءَ ”چوڪريءَ“ کان متاثر ٿي ڪري مون اُتي ئي عهد ڪيو تہ درود شريف جي باري ۾ ڪتاب لکندس. (پوءِ انهن درود شريف جو ڪتاب ”دلائل الخيرات“ لکيو)

(سعادة الدارين ص 159)

الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## درود و سلام جي عاشقن لاءِ هڪ بهترين انعام

مٺا مٺا مدني مُنو ۽ مدني مُنيو! سُبۡحٰنَ الله! ڏنو اوهان! هن مدني مُنّي کي اسان جي مٺي مٺي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهڻ جي ڪهڙي برڪت ملي جو ان جي لعاب (يعني ٿُڪ) وجهڻ سان کوهہ جو پاڻي وڌي ويو.

سادڙا مدني مُنّو ۽ مدني مُنّيو! هِتي ان ڳالهه جو خيال رهي تہ انهي مدني مُنِّيءَ تي ربُّ العزت جي خاص عنايت هئي انهي لاءِ ان کوهہ ۾ پنهنجو لعاب (يعني ٿُڪ) وڌو، اسان کي پاڻي جي کنهن حوض (Pool)، تلاءُ (Pond) يا کوهہ وغيره ۾ نہ ٿُکڻ گهرجي. انهي مدني مُنّي وانگر اسان کي بہ پنهنجي مکي مدني آقا منّي منّي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي وڌ کان وڌ درود پاڪ پڙهڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي. اسان چاهي بيٺا هجون، هلي رهيا هجون، ويٺا هجون يا ليٽيل هجون، اسان جي ڪوشش اها هئڻ گهرجي تہ درود شريف پڙهندا رهون. (مسئلو: جڏهن بہ ليٽي ليٽي درود شريف پڙهو يا ڪوبہ وِرد ڪريو، پير سوڙها ڪريو)

ذکر و درود ہر گھڑی وردِ زباں رہے

میری فضول گوئی کی عادت نکال دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# نُوروارو چهرو



# ﴿2﴾ نُوروارو چهرو

الله تعاليٰ جي پياري نبي محمّد عرَبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي سڀ کان پهرين حضرت بيبي آمنہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا تقريبًا 7 ڏينهن کير پياريو، پوءِ ڪجھ ڏينهن ثُوَيّبَہ، انهي کان پوءِ حضرت بيبي حليمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا 2 سال جي عمر تائين کير پياريو آهي. بيبي حليمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا پياري پياري مڪي مدني نبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ننڍپڻ جي باري ۾ فرمائن ٿيون: الله پاڪ جي پياري حبيب، حضرت محمّدِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو نور وارو چهرو رات جي وقت ايترو وڏيڪ چمڪندو هو جو روشني ڪرڻ جي لاءِ ڏيئي (Lamp) ٻارڻ جي ضرورت نہ پوندي هئي، هڪڙي ڏينهن اسان جي پاڙي واري اُمِّ خَولَہ سَعديہ مون کي چوڻ لڳي: اي حليمہ! ڇا اوهان پنهنجي گهر ۾ رات جي وقت باھ ٻاريندي آهيو جو سڄي رات اوهان جي گهر مان پياري پياري روشني نظر ايندي آهي! بيبي حليمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون، مون

چيو: اها باھ جي روشني نہ بلڪ حضرت محمّد مدني صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نُور واري چهري جي روشني آهي.

(ماخوذ از: تفسير الم نشرح ص 107)

مٺا مٺا مدني مُنّو ۽ مدني مُنّيو! اللّٰه تعاليٰ پنهنجي پياري حبيب حضرت محمّدِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نُور مان پيدا فرمايو آهي. اسان جا حضور بنهي جهانن جا سلطان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيشڪ انسان تہ آهن پر نُور وارا انسان ۽ سيني انسانن جا سردار آهن.

نور والا آیا ہے ہاں نور لے کر آیا ہے

سارے عالم میں یہ دیکھو کیسا نور چھایا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد


مبارک هتءِ بیمار
اُت یا بکري

## ﴿3﴾ مبارڪ هٿ ۾ بيمار اُٺ يا ٻڪري

حضرت بيبي حليمه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون: اللّٰه تعاليٰ جي نبي حضرت محمّد مدني صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي وٺي جڏهن آئون پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيس ته قبيلي بنو سعد جي گهرن مان ڪو گهر اهڙو نه هيو جنهن مان اسان کي مُشڪ (Musk) جي خوشبو نه اچي ها ۽ ماڻهن جي دلين ۾ اللّٰه جي پياري حبيب حضرت محمّدِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت گهر ڪري ويئي ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي برڪت جو يقين ايتري قدر مضبوط ٿي ويو جو جيڪڏهن ڪنهن جي جسم ۾ ڪو سُور يا تڪليف ٿي پوندي هئي ته هو پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هٿ مبارڪ ڪٽي ڪري تڪليف جي جڳهه تي رکندو هو ته اللّٰه تعاليٰ جي حڪم سان اُنهي ئي وقت نيڪ ٿي ويندو هو، جيڪڏهن انهن جو ڪو اُٺ يا ٻڪري بيمار ٿي ويندي هئي ته انهي تي حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مبارڪ هٿ ڦيريندا هئا ته اها تندرست ٿي ويندي هئي.

(السيرة الحلبية ج 1 ص 135)

## مبارڪ هٿ جا 8 حيرت انگيز ڪمالات

مٺا مٺا مدني مُنّو ۽ مدني مُنّيو! ڏٺو اوهان! الله تعاليٰ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿ جون ٻہ چا خوب بهارون آهن! اچو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿ جا 8 ٻيا معجزا اوهان کي ٻڌايان:

۞ هڪڙي غزوي[1] جي موقعي تي تير لڳڻ جي سبب پياري صحابي حضرت قتاده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي اک مبارڪ ٻاهر نڪري پئي، طبيبن جي طبيب، الله تعاليٰ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اُنهن جي اک پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ کنئي ۽ انهيءَ جي جڳهہ تي رکي ڪري دعا فرمائي تہ اها اک صحيح ٿي ڪري ٻِي اک کان وڌيڪ روشن ٿي ويئي

۞ هڪ قافلو الله پاڪ جي پياري نبي جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ حاضر ٿيو، انهن مان هڪڙي شخص جي طبعيت خراب هئي، انهي کي دورا پوندا هئا. سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى

---

[1] يعني ڪافرن سان وڙهي وڃڻ واري اهڙي جنگ جنهن ۾ اسان جا حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شامل ٿيا هجن انهي کي ”غزوه“ چون ٿا.

عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي پُٺ تي پنهنجو مبارڪ هٿ ھٽي ڪري (انهيءَ مريض جي اندر موجود ”بلا“ کي) فرمايو: ”اي اللّٰه جا دشمن نڪري وڃ“ پوءِ ان جي چهري تي هٿ مبارڪ ڦيريائون تہ اهو ائين ٿي ويو جو اڇڻ واري قافلي ۾ انهيءَ کان بهتر ڪو نظر ئي نٿي آيو.

❀ هڪ پياري صحابي حضرت سيدنا عبداللّٰه بن عَتيڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي پير جي ٽنل پني (Shin) تي اللّٰه تعاليٰ جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو هٿ مبارڪ ڦيريائون تہ اهڙي صحيح ٿي ويئي جئين ڪجھ ٿيو ئي نہ هو.

❀ هڪ پياري صحابي حضرت سيدنا اَبيَضُ بن حَمّال رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي ماتا (يعني هڪ بيماري جنهن ۾ منهن تي داڳا نڪري ايندا آهن) واري چهري تي هٿ مبارڪ ڦيريائون تہ فورًا چهرو نيڪ ٿي ويو ۽ ماتا جي داڳن جا نشان ختم ٿي ويا.

❀ ڪجهه صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ڪي جدا جدا موقعن تي پنهنجي مبارڪ هٿ سان ڪاني يا وڻ جي ٽاري ڏنائون تہ اها تلوار بڻجي ويئي!

❀ ڪنهن جي چهري تي پنهنجو مبارڪ هٿ ڦيريائون تہ چهرو روشن ٿي ويو.

❀ ڪنهن بيمار تي هٿ ڦيريائون تہ مرض ختم ٿيڻ سان گڏوگڏ انهيءَ جو بدن خوشبودار بہ ٿي ويو.

❀ هڪ صحابي حضرت سيدنا عثمان بن ابوالعاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي سيني تي مبارڪ هٿ ڦيريائون تہ حافظو (Memory) هڪدم مضبوط ٿي ويو.

(البرهان ص 373 ڪان 397 ملخّصًا)

ذرا چہرے سے پردہ تو ہٹاؤ **یا رسول اللّٰہ**

ہمیں دیدار تو اپنا کراؤ **یا رسول اللّٰہ**

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد


جڻ ڏاچي ڳالهائڻ لڳي!

## ﴾4﴿ جڏهن ڏاچي ڳالهائڻ لڳي!

الله تعاليٰ جي پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي سڳوري جا شهزاده ۽ تمام ئي پيارا صحابي حضرت سيدنا عبدالله ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا: ننڍپڻ شريف ۾ هڪ دفعي سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي شريف جي گهاٽين (يعني بن جبلن جي وچ وارن رستن) ۾ پنهنجي ڏاڏي سڳوري حضرت سيدنا عبدالمطّلب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان جدا ٿي ويا (ڳولهڻ کان پوءِ) ڏاڏا واپس مڪي شريف آيا ۽ ڪعبي شريف جي پردن سان چنبڙي ڪري حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ملي وڃڻ جي لاءِ روئي روئي دعائون گهرڻ لڳا. انهيءَ دوران مشهور ڪافر ابو جهل ڏاچي تي سوار پنهنجي ٻڪرين جي ڌڻ (Herd of goats) سان واپس اچي رهيو هو، هن اسان جي پياري آقا محمّدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسي ورتو، ابو جهل پنهنجي ڏاچي ويهاري ۽ سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي پٺيان ويهاري ڏاچي کي اٿارڻ چاهيو ته هو نه اُٿي! پوءِ جڏهن پنهنجي اڳيان ويهاريو

تہ ڏاچي اُٿي ويئي ۽ جڻ ابو جهل کي چوڻ لڳي: ”اڙي بيوقوف! هي تہ امام آهن، مُقتدي جي پنيان ڪيئن ٿي سگهن ٿا!“ حضرت سيدنا عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا وڌيڪ فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيدنا موسٰي ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي جهڙي طرح فرعون جي ذريعي سندن امڙ سائڻ تائين پهچايو اهڙي طرح ابوجهل جي ذريعي ٻنهي جهانن جي سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي ڏاڏي سڳوري تائين پهچايو. (روح المعاني جزء 30 ص 532)

## اِنهي سچي ڪهاڻي مان ملڻ وارا مدني گُل

مٺا مٺا مدني مُنو ۽ مدني مُنيو! ڏٺو اوهان الله تعاليٰ جي قدرت! ابو جهل جي ذريعي الله تعاليٰ پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سندن ڏاڏي تائين پهچايو. يقينًا الله تعاليٰ جيڪو چاهي تو اُهو ڪري ٿو. اهو بہ معلوم ٿيو تہ جانور تہ رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم سمجهن ٿا پر اُنهن نالائق انسانن جي لاءِ بربادي آهي جيڪي تعظيمِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نہ ٿا سمجهن. وليّ ڪامل ۽

سچا عاشقِ رسول اعلىٰ حضرت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن پنهنجي نعتيہ ديوان ”حدائقِ بخشش شريف“ صفحو 112 تي فرمائن ٿا:

اپنے مولٰی کی ہے بس شان عظیم جانور بھی کریں جن کی تعظیم
سنگ کرتے ہیں ادب سے تسلیم پیڑ سجدے میں گرا کرتے ہیں

**شرح كلامِ رضا:** يعني اسان جي آقا و موليٰ، مڪي مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو شان تہ ڏسو! جانور سندن احترام ڪن ٿا، پٿر ادب سان سلام ڪن ٿا ۽ وڻ ٻوٽا پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سجدو ڪن ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پير جي ٺُڏي سان

# پاڻي جو چشمو (spring)

# جاري ڪري ڇڏيو

## ﴿5﴾ آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پير جي ٺُڏي سان پاڻي جو چشمو (spring) جاري ڪري ڇڏيو

الله تعاليٰ جي پياري حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چاچي ابو طالب جو چوڻ آهي تہ هڪ دفعي آئون پنهنجي ڀائٽي يعني نبي پاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ ”ذُوالمَجاز“ جي مقام تي هئس تہ اوچتو مون کي اُڃ لڳي. مون مُحمّدِ مصطفيٰ (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) کي عرض ڪيو: ”اي منهنجا ڀائٽا! مون کي اُڃ لڳي آهي.“ مون انهن سان اها ڳالهہ انهي لاءِ نہ چئي هئي جو انهن وٽ پاڻي وغيره هو بلڪ صرف پنهنجي پريشاني ظاهر ڪرڻ جي لاءِ چئي هئي. ابو طالب چون ٿا منهنجي ڳالهہ ٻُڌي ڪري اُهي هڪدم پنهنجي سُواري تان هيٺ لٿا ۽ ارشاد فرمايائون: ”اي چاچا! چا اُڃ لڳي آهي؟“ مون عرض ڪيو: جي ها. اهو ٻُڌي ڪري حضرت محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجي مبارڪ کُڙي زمين تي هنئي جنهن جي برڪت سان اُن جڳهہ تان هڪدم پاڻي نڪرڻ لڳو! پوءِ مون کي ارشاد فرمايائون: ”اي چاچا! پاڻي پي

ونو“ تہ مون اهو پاڻي پيتو. (الطبقات الكبريٰ لا بن سعد ج 1 ص 121، ابنِ عساكر ج 66 ص 308) پير جي هيٺ جي جوڙ جي اُيريل هڏي کي مُريو (Ankle) ۽ مُريي جي هيٺان پير جو پٺيون حصو کُڙي (Heel) چورائي ٿو.

تیری ٹھوکر سے چشمہ یارسول اللہ ہوا جاری
کرم سے اپنے میری دور فرما مشکلیں ساری

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# آئون وڊيو گيم جو

# عادي هُئس



## آئون وڊيو گيم جو عادي هُئس

شڪر ڳڙهه ضلعو نارووال (صوبو پنجاب پاڪستان)

جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته آئون ننڍپڻ ۾ وڊيو گيم کيڏندي روزانو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ضايع ڪندو هئس، نمازن جي ادائيگي جو ڪو معمول نه هو. منهنجي قسمت جو تارو اُن وقت چمڪيو جڏهن منهنجي والد محترم مون کي مدرسة المدينه ۾ داخل ڪرايو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون اُتي پهرين قرآن پاڪ ناظره ختم ڪيو، اُن کان پوءِ قرآن جو حافظ بڻيس ۽ گڏوگڏ منهنجي اخلاقي تربيت جو سلسلو ٿيو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدرسة المدينه جي برڪت سان آئون پنج وقت جي نمازن جو پابند ٿي ويس ۽ سنتن ڀريو مدني لباس پائڻ لڳس. ڪالهه تائين پنج ئي نمازون ڇڏي ڏيڻ وارو، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان هاڻي تهجُّد، اِشراق ۽ چاشت جي نفلن جون بهارون لُٽڻ وارو بڻجي ويس. جڏهن مون کي دعوتِ اسلامي جون برڪتون مليون ته مون هڪ مدني مُنّي جي والد صاحب تي

انفرادي ڪوشش ڪئي تہ اوهان بہ پنهنجي پُٽ کي مدرسة المدينه ۾ داخل ڪرايو. پهرين تہ اُنهن انڪار ڪيو پوءِ جڏهن مون انهن کي پنهنجو مثال ڏنو تہ آئون ڪالهہ تائين نماز نہ پڙهندو هئس، مٿي اگهاڙو گهمندو هئس پر اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ دعوتِ اسلامي جي صدقي منهنجي مٿي تي عمامو شريف آهي ۽ آئون پنجئي نمازن جي پابندي ڪرڻ وارو بڻجي ويو آهيان تہ انهن پنهنجي پُٽ کي مدرسة المدينه ۾ داخلو ڏياري ڇڏيو جتي هُن پهرين قرآن ڪريم ناظره پڙهيو ۽ هاڻي حِفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهي جڏهن تہ آئون هي سٽون لکڻ تائين اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جامعة المدينه ۾ درسِ نظامي جو شاگرد آهيان.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو (حدائق بخشش ص 193)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## وڊيو گيم

مٺا مٺا مدني مُنّو ۽ مدني مُنّيو! ڏٺو اوھان تہ وڊيو گيم جي عادت ۾ مبتلا ٻار ڪي جڏھن دعوتِ اسلامي جي مدرسة المدينہ جو مدني ماحول مليو تہ اُھو نيڪ نمازي ۽ پرھيزگار ”مدني مُنو“ بڻجي ويو. اوھان بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان ھميشہ وابستہ (Attach) رھو. جيڪڏھن اللّٰہ نہ ڪري اوھان وڊيو گيم جي عادت ۾ مبتلا آھيو تہ ھٿو ھٿ ان جي عادت ڇڏڻ جي ڪوشش ڪريو.

## وڊيو گيم جي ذريعي دين و ايمان جو نقصان

تمام گھڻ مدني مُنَّن ڪي اِن ڳالھہ جو احساس ھوندو تہ مسلمانن جي نئي نسلن ڪي تباھ ڪرڻ جي لاءِ اسلام جا دشمن اھڙيون اھڙيون گيمون تيار ڪري رھيا آھن جو ٻار راند ئي راند ۾ نہ صرف عملي طور اسلام کان پري ھليو وڃي بلڪ مَعَاذَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اُن جي دل ۾ دينِ اسلام ئي جي نفرت ويھي رھي مثلاً وڊيو گيم کيڏڻ وارو جھڙي قِسم جي ڪردارن کي اسڪرين تي ڏسندو آھي ان ۾ اھڙا

ڪردار به شامل هوندا آهن جِن جي هٿان اسلامي حُليي مثلاً ڏاڙهي ۽ ٽوپي يا عمامي پاتل ”ڪردارن“ کي ماريو ويندو آهي يا وري اسلامي ڪردارن کي ”دهشت گرد“ جي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، اِن قِسم جون گيمون کيڏڻ وارن جي دل ۾ اسلام جي محبت وڌندي يا گهٽ ٿيندي! ان جو جواب اوهان پاڻ ئي پنهنجي ضمير کان معلوم ڪريو.

## وڊيو گيمز سان ٿيڻ واريون بيماريون

وڊيو گيمز کيڏڻ وارو نظر جي ڪمزوري، مشڪَن (Muscles) جي ڇِڪ ۽ مٿي ۾ سور جهڙين مرضن ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو.

## وڊيو گيمز جون ڏڪائيندڙ تباه ڪاريون

بي حيائي وارا لباس پهريل وڊيو گيم جي ڪردارن کي ڏسي ڏسي ٻارن جي ذهني پاڪيزگي، بي حيائي جي گندي نالي ۾ ٻُڏي ويندي آهي ۽ بدنگاهي جو مرض انهن جي رڳ رڳ ۾ سمائجي ويندو آهي، ”وڊيو گيمز ڪلب“ تي

منشيات (نشي واريون شيون) وڪٽندڙن جي ”خاص نظر“ رهندي آهي، ڪيترائي ٻار ۽ نوجوان انهن جي چڪرن ۾ ڦاسي ويندا آهن ۽ ڪجهه ته اهڙا ڦاسندا آهن جو انهن کي سڄي زندگي آزادي نصيب ناهي ٿيندي، اهڙين جڳهين تي ٻارن سان ”گندا ڪم“ ڪيا ويندا آهن خاص ڪري اُهي ٻار بدڪار ماڻهن جي هَوَس جو شڪار بڻجندا آهن جيڪي گهر وارن کان لِڪي وڊيو گيم کيڏندا آهن. مارڪُٽ، قتل ۽ ڦُرلُٽ جي منظرن سان ڀرپور گيم کيڏي کيڏي ٻارن ۾ رحم دلي، صبر، عفو ۽ درگذر جو جذبو گهٽ يا ختم ٿي ويندو آهي ۽ ڏنل شين جو عملي مظاهرو ڪرڻ جي شوق ۾ ننڍي عمر جا نوجوان (Teenager) يعني 13 کان 19 سالن وارا) ڦُر لُٽ، چوري چڪاري، گندن ڪمن، ايستائين جو قتل جهڙن ڏوهن ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن!

## وڊيو گيمز قتل ۽ ڦُرلُٽ سيکارين ٿيون

وڊيو گيمز اڪثر ظلم و تشّدد جي منظرن سان ڀريل هونديون آهن، ڪجهه گيمن ۾ اُهي ماڻهو به ”هيرو“ جي

فائرنگ جو نشانو بڻجندي ڏيکاريا ويندا آهن جيڪي گوڏن پَر ويهي ڪري مِنٿ ميڙ ڪندي اُن ڪان رحم جي درخواست ڪندا ۽ موت ڪان بچڻ جي لاءِ رڙيون ۽ دانهون ڪري رهيا هوندا آهن، پر وڊيو گيم ڪيڏڻ وارو فائنل راؤنڊ تائين پهچڻ جي لاءِ انهن سڀني کي بندوق جي گولين سان پروڻ ڪندي اڳيان وڌندو ويندو آهي. هر پاسي رت ئي رت ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ گيم ڪيڏڻ وارو انهن سڀني منظرن سان لطف اندوز ٿيندو آهي. ڪجهه گيمن ۾ ”هيرو“ ڪار (Car) ۾ چڙهي ماڻهن کي چيپاٽيندو ويندو آهي، ڪجهه گيمن ۾ انسان کي ذبح ڪرڻ ۽ سسي ڌڙ کان ڌار ڪرڻ جا خوفناڪ منظر ڏيکاريا ويندا آهن، ڪجهه گيمن ۾ بم ڌماڪن سان گهر ۽ پُل اُڏائڻ جا منظر ڏيکاريا ويندا آهن، ڇا اِهو سڀ ڪجهه ٻارن جي ڪچي ذهن جي لاءِ نقصان ڏيندڙ ناهي؟ جيڪڏهن اهو چيو وڃي ته شايد فضول نه ٿيندو ته هِن وقت معاشري ۾ تيزي سان وڌڻ وارن ڏوهن ۾ وڊيو گيمز جو تمام گهرو تعلق آهي!

# آمريڪين جو اعتراف

آمريڪا ۾ ٿيل هڪ ريسرچ جي مطابق 80 سيڪڙو نوجوان مارڪُٽ ۽ تشدد سان ڀريل گيمز کيڏڻ پسند ڪن ٿا، هڪ آمريڪي ماهرِ نفسيات جو چوڻ آهي: ”اسان ڪمپيوٽر گيم کي صرف راند سمجهون ٿا پر بدقسمتي جي ڳالهه اها آهي جو اهي اسان جي معاشري کي غلط رستي ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن ۽ اسان پنهنجي ٻارن کي ڪمپيوٽر گيم جي ذريعي اُهو سڀ ڪجهه سيکاري رهيا آهيون جيڪو ڪنهن ٻي طريقي سان تمام دير ۾ سکي سگهجي ٿو، ڪمپيوٽر جي مدد سان ٻار نہ صرف جديد (يعني نَوَن) هٿيارن جي استعمال ۾ مهارت حاصل ڪري وٺندا آهن بلڪ ان سان گڏوگڏ اهي انسانن ۽ ٻين جاندارن کي گولين جو نشانو بڻائڻ بہ سکي وٺندا آهن.“

## وڊيو گيمز جي نحوست جا 14 عبرتناڪ واقعا

### (ماڻهن ۾ وڊيو گيمز جا نالا هٽائي ويا آهن)

❁ ڪولمبين هائي اسڪول جي 17 ۽ 18 سالن جي ٻن شاگردن 20 اپريل 1999ع تي 12 شاگردن ۽ هڪ استاد کي قتل ڪري ڇڏيو، اهي ٻئي شاگرد هڪ وڊيو گيم جي عادت ۾ قاتل هئا ۽ اُنهن اهو اٽوٽندڙ ڪم اُنهي ئي وڊيو گيم جي انداز ۾ ڪيو.

❁ اپريل 2000ع ۾ 16 سالن جي (Spanish) ڇوڪري هڪ وڊيو گيم جي هيرو جي نقل ڪندي سچ پچ پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ڀيڻ کي ”ڪاٽانا تلوار“ سان قتل ڪري ڇڏيو! ❁ نومبر 2001ع ۾ 21 سالن جي آمريڪي نوجوان خودڪشي ڪري ورتي، اُن جي ماءُ جو چوڻ هو ته هو هڪ وڊيو گيم کي نشي جي حد تائين کيڏندو هو ❁ فيبروري 2003ع ۾ 16 سالن جي آمريڪي ڇوڪري هڪ وڊيو گيم کان متاثر ٿي ڪري هڪ ٻارڙيءَ کي قتل ڪري ڇڏيو ❁ 7 جون 2003ع تي 18 سالن جي نوجوان هڪ وڊيو گيم کان متاثر

ٽي ڪري ٻن پوليس وارن کي گوليون هڻي ماري ڇڏيو، آخرڪار اُن کي چوري جي ڪار سميت گرفتار ڪيو ويو. ❁ ٻن آمريڪي ويگن پائرن جن جي عمر 14 ۽ 16 سال هئي، 25 جون 2003ع تي هڪ رائفل جي ذريعي 45 سالن جي عورت کي هلاڪ ۽ 16 سالن جي ڇوڪريءَ کي زخمي ڪري ڇڏيو، اهي ٻئي هڪ گيم جي نقل ڪري رهيا هئا ❁ ليسٽر برطانيه ۾ 27 فيبروري 2007ع تي 17 سالن جي نوجوان 14 سالن جي ڇوڪري کي پارڪ ۾ وٺي وڃي هٿوڙي (Hammer) ۽ ڇُري جا لاڳيتا وار ڪري قتل ڪري ڇڏيو، جاچ ذريعي معلوم ٿيو ته هو هڪ وڊيو گيم کان متاثر هو ❁ 27 ڊسمبر 2004ع تي 13 سالن جي ڇوڪري 24 منزله عمارت تان ٽِپو ڏيئي خودڪشي ڪري ورتي، موت کان پهرين هو 36 ڪلاڪن کان مسلسل هڪ وڊيو گيم کيڏي رهيو هو ❁ آگسٽ 2005ع تي ”جنوبي ڪوريا“ جو هڪ شخص 50 ڪلاڪن تائين مسلسل هڪ وڊيو گيم کيڏندو رهيو ۽ کيڏندي کيڏندي موت جو شڪار ٿي ويو

❁ جنوري 2006ع تي ٽورنٽو (ڪينيڊا) جي روڊن تي 18 سالن جي ٻن نوجوان ڇوڪرن هڪ وڊيو گيم جي نقل ڪندي ڪار جي ريس جي شرط لڳائي ۽ اُن ريس جي دوران تيڻ واري حادثي ۾ هڪ ٽيڪسي ڊرائيور پنهنجي جان تان هٿ ڌوئي ويٺو ❁ سيپٽمبر 2007ع ۾ چين جو هڪ شخص انٽرنيٽ تي مسلسل ٽن ڏينهن کان آن لائن گيم کيڏندو رهيو، آخر ڪار راند جي ان نشي اُن جي جان وڃائي ڇڏي ❁ ڊسمبر 2007ع ۾ هڪ روسي شخص هڪ وڊيو گيم وانگر سچ مچ ۾ فائٽنگ (يعني مار ڪُٽ) جي شرط رکي ۽ ان جهڳڙي ۾ مارجي ويو ❁ 14 اپريل 2009ع تي 9 سالن جو ٻار جيڪو بروڪلن، نيويارڪ ۾ رهندو هو هڪ گيم جي نقل ڪندي هڪ عارضي پيراشوٽ ڪٽي ڪري ڇت تان ٽِپو ڏنائين ۽ موت جي وَر چڙهي ويو ❁ مارچ 2010ع ۾ ٽن سالن جي ڇوڪريءَ پنهنجي پيءُ جي بندوق کي گيم جو ”ريموٽ“ سمجهي ڪري هلائڻ لڳي ۽ هڪ گولي سان اُن جي جان هلي ويئي.

(اِهي سڀ خبرون نيٽ تي جنريشن نيڪسٽ آئن لائن ميگزين، آڪٽوبر 2010ع تان ورتيون ويون آهن.)

**مٺا مٺا مدني مُنّو ۽ مدني مُنّيو!** وڊيو گيمز جا ديني ۽ دنياوي نقصان اوهان پڙهيا، هاڻي سنا بار ٻڌجي هميشہ هميشہ جي لاءِ وڊيو گيمز کيڏڻ کان پري رهڻ جو ذهن ٺاهي ونو، اِن ۾ آخرت جي ڀلائي سان گڏوگڏ اوهان جي پئسن ۽ قيمتي وقت جي بہ بچت آهي. **يا الله** عَزَّوَجَلَّ! توکي تنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو واسطو! مسلمانن کي وڊيو گيم ڏسڻ، ڏيکارڻ جي گندي عادت کان ڇوٽڪارو عطا فرما.

”وڈیو گیموں“ سے خدائے پاک سب بچے بچیں
نیکیاں کرتے رہیں اچھے بنیں سچے بنیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| ﴿1﴾ چوڪريءَ جڏهن ڪوهه ۾ ٽُڪيو .... | 1 | آئون وڊيو گيم جو عادي هُئس | 15 |
| | | وڊيو گيم | 17 |
| درود و سلام جي عاشقن لاءِ هڪ بهترين انعام | 2 | وڊيو گيم جي ذريعي دين و ايمان جو نقصان | 17 |
| ﴿2﴾ نُورواروچهرو | 4 | وڊيو گيمز سان ٿيڻ واريون بيماريون | 18 |
| ﴿3﴾ مبارڪ هٿ ۾ بيمار آٿ يا پڪري | 6 | | |
| مبارڪ هٿ جا 8 حيرت انگيز ڪمالات | 7 | وڊيو گيمز جون ڏڪائيندڙ تباهه ڪاريون | 18 |
| ﴿4﴾ جڏهن ڏاچي ڳالهائڻ لڳي! | 10 | وڊيو گيمز قتل ۾ قَر لَت سيڪارين ٿيون | 19 |
| اِنهي سچي ڪهاڻي مان ملڻ وارا مدني گُل | 11 | آمريڪين جو اعتراف | 21 |
| ﴿5﴾ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَسَلَّم پير جي ڏڍي سان پاڻي جو چشمو (spring) جاري ڪري ڇڏيو | 13 | وڊيو گيمز جي نحوست جا 14 عبرتناڪ واقعا | 22 |


# مآخذو مراجع


| | | | |
|---|---|---|---|
| روح المعاني | دار احياءِ التراث العربي بيروت | سعادت الدارين | دارالكتب العلميه بيروت |
| تفسير الم نشرح | شبير برادرز لاهور | السيرة الحلبيه | دارالكتب العلميه بيروت |
| طبقات الكبريٰ | دارالكتب العلميه بيروت | البرهان | مكتبة سلطانيه سردار آباد |
| ابن عساكر | دار الفكر بيروت | وسائل بخشش | مكتبة المدينه كراچي |